# فهرست


پ اکر ........................................................................ 9
اسان جو وطن زندهہ آهي، مردن جي وچ ۾! (ارشاد ڪاظمي) . 12
باضمير ليکڪن جو امام- مظفر چانڊيو (منظور سولنگي) ....... 26

نظم ........................................................................ 29
هڪ دانشور جو مشورو ........................................ 31
محبت مچ جيان آهي ........................................ 33
اسانکي ماٺ ماري ٿي ........................................ 35
ثقافت ڪاتي جون سخاوتون ........................................ 38
سنڌ ۽ يروشلم جي درد ڪهاڻي ساڳي آ ........................................ 40
ماءُ عالمي ڏينهن ڪان وڏي هستي آهي ........................................ 43
دراوڙ دلين جي ڌڙڪن ........................................ 45
ساڳي آسُورن ڪهاڻي ........................................ 47
نا اميدي ........................................ 49
Give Me Death Or Give Me Liberty ................. 51
سچ وڏو ڏوهاري آ ........................................ 53
سنڌي ادب جي مَنَ "آغا سليم" کي ڀيٽا ........................................ 55
سرمد سڙي ٿو ايپچند سان گڏجي ........................................ 57
ڌرتي، ماءُ جيان دل رکي ٿي ........................................ 59
اکيون ........................................ 61

معافي ........ 111

موت جا منظر ........ 113

دِل جو ديس ........ 116

ماڻهنْ جا قدَ، وطن جي وڻن کان نہ اوچا ڪيو ........ 118

پئرس جي پيرّا ........ 121

نينهن جا نشا ........ 123

پئرس جي شهيدن کي پيتّا ........ 125

پَرندڙسَڄُ ........ 127

پوڙهو ٽيان چو مان؟ (جوابِ عشق) ........ 129

ڌرتيءَ کي پوري چُمي ........ 132

پگت ڪنورام کي پيتّا ........ 133

جيڪو وڪجي ويو، اهو ٿي ليڊر ٿيو ........ 135

سمنڊ عاشقن جيان اداس ٿي ويندو آهي ........ 137

صوفين کي ڪوفين هٿان نيلام نہ ڪيو ........ 139

فراريت ........ 141

جيءَ جي جلاوطني ........ 143

غلامي جي گار ........ 145

گدڙڪائي ويا سنڌ کي ........ 147

مهان ڪوي شيخ اياز کي پيتّا ........ 149

قيديءَ جو نئون سال ........ 152

ڪيان ٿو يار کي راضي ........ 154

بابي جي وصيت ........ 156

ويڪائو وڪرءِ حُسنِ ڪارڪردگي ........ 158

خيالن جي خدائي ........ 160

۽ نہ ئي ملامت ڪري سگھجي ٿي.
عربن کان ارغونن تائين
سيني اسان کي فتح ڪيو آهي
۽ هاڻي ڪنهن ظالم فاتح کي
اسان کي فتح ڪرڻ ۾ بہ
شرمساري پئي محسوس ٿئي،
اسان شڪست تسليم ڪري
زنجيرن سان محبت ڪرڻ لڳا آهيون!
۽ وڇونءَ وانگر
پنهنجي ماءُ کي کائي
خوش ٿي رهيا آهيون.
هيءَ ڌرتي صدين جي غلامي
۽ ياڙيائپ برداشت ڪري ڪري
هاڻي امن کان تنگ ٿي وئي آهي،
تاريخ گواهہ آهي تہ
گيدي ماڻهن ۽ ڊيڄو قومن کي
سدائين امن ٿو گھرجي!!
پر تاريخ مان اهو بہ سبق ملي ٿو تہ
ڊيڄو ۽ گيدي قومن کي
ڪڏهن بہ امن نصيب ناهي ٿيو
چو تہ ڪمزورن لاءِ
پادر پُسيل ئي رهن ٿا!!

# ڌرتيءَ کي پوري چُمي

ڌرتي توکي منهنجي چمي
پوري آهي ٽيٽي،
تنهنجي سينڌ ۾ ڦٽي
هڪ ڏينهن آهي ٽيٽي،
غلامي ٿي وئي ڊگهي ۽ گهٽي،
ڌرتي توکي منهنجي چمي
پوري آهي ٽيٽي.
دلڙي اڏاريان ٿو گهٽي،
آجپيَ جي خوابن کي ڪٽي
ڪو ته ٽيندو پنهنجو ڏٽي
ڌرتي توکي منهنجي چمي
پوري آهي ٽيٽي.
رهبر ڪيڏا رهزن بڻيا،
پٺ ۾ ڏاڍا خنجر هڻي،
ٻير جو مان ٻُور ته نه آهيان
جو موسم ۾ ويندس ڇڻي
ڌرتي توکي منهنجي چمي
پوري آهي ٽيٽي.

ملڪ رياض ڪي وڪي وئي آ،
آ چيچ ۾ هن ڪي پاتل
چلو شهيدن جو بي ٻيُ
قيدي آ فوٽو تنهنجو
لٽيو ويو آ لاڙڪاڻو
۽ رت ۾ ٻڏل آ راڻو.
ضمير سڀ ڀڃل هن
پر گٽر ڪليل ڏسان ٿو
۽ ماڻهو پليل ڏسان ٿو
بدبو گهٽي آ ٻڦلي،
سنڌ جي ننگن ڪان يارو
شرمائي ٿي اڄ دهلي،
موهن دڙي جي مٽي
راوي هٿان پئي روئي
بلاول جي هيءَ ڪوٺي
ڪيڏي پلي نهي آ،
ان جي بدلي يارو
سنڌ رياض• ڪي وڪي وئي آ،
بابي جي وصيت پائو
مون پوري اڄ ڪئي آ.
مون ٻوري اڄ ڪئي آ.



•ملڪ رياض

## غزل

اجان دل قلندر تہ ڏڙڪي پئي،
چو اک اسان جي ڦڙڪي پئي؟

سدا سائو پلڙو ڏسان سنڌ ۾،
چو نياڻين جي گردن لڙڪي پئي؟

نہ پٽن تي پريل بادل ٿا برسن،
رڳو وڄ وَلهار تي ڪڙڪي پئي؟

خدا جا خلقيل جي بندا آهيون،
تہ چو موت مارن کي رڙڪي پئي؟

ابهم ٻچڙا ٻکن ۾ مرن ٿا،
چو ٻاھ اجان نہ ڀڙڪي پئي؟

# غزل

ٻري پئي رات چوڏهينءَ جي، چنڊ ڇو ڪٿو ناهي؟
ڇپائين چنڊ چريو ناهي، ڌرتيءَ تي لٿو ناهي.

اڃارا نيڻ تڙپن ٿا، گهٽائون ٻه ته گهايل هن،
پرين نقابن ۾ نڪري ٿو، اسان دل پري ڏٺو ناهي.

پٿون بدن جيئن پياسون هن، ننگر ٻه نهاري پيو،
اڃان عشق آرائينءَ جو، ڇو جل ٿلُ وٺو ناهي؟

سمهاري سنڌ ساريءَ کي، ڏيرن ڌوهه ڪيڙو آ،
ٻٽيو آ ڪيچ جو قيدي، پنهون پاڻ ڪان رٺو ناهي.

هٿ ڪڙين ۾ ٻيڙين ۾، پلا ڪير ڇگو ڇئبو!؟
اسان خنجر غلاميءَ جو، ڇا سيني ۾ سٺو ناهي؟

برسلز جي بازار ڪيو، سهڻن جو اڄ سوڳ،
دين ڌرم جو روڳ، آهي هر ڪنهن من ۾.

هر ماڻهو جو من ٿيو، تشدد ڪان باغي،
دهشت تي داغي، معصومن جي رت سان.

***

ڇو پوپٽ ۽ پنيوريون گلن ڪي ڇُمن ٿا؟
دلين ڪي ڏُکائي خوشبوئن سان ملن ٿا،
دَردُ پنهنجي پَرنِ ۾ لڪائي به راضي رهن ٿا،
نه عشق ئي ڇڏن ٿا، نه رنگن ڪان رُسن ٿا.

***

ٿيا وطن جي غم ڪان غافل ناهيون
ظالم زماني جي نظرن ۾ پاڳل آهيون
ويڪائو قلمڪارن جا اسان يار ناهيون
نه ٿيا زردارن جي ڪُرَم ۾ شامل آهيون.

***

ڏُهلاري دانشور ڌني فتوا ته وطن پرستي انتهاپسندي آ،
تاريخ ٻڌائي پئي يارو ته عاشقي نه الزام ڌسندي آ،
پل سچ جي راهه ۾ مخدوم بلاول جيئن پيڙهيا وڃون،
پر مومل موت جي منهن ۾ به راڻي ڪان نه رسندي آ.

***

